# اعمالِ صالح

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلَواةُ وَالسَّلَامُ عَلَيٰ مَنْ كَانَ نَبِيًّا وَ آدَمُ بَيْنَ الْمَاءِ وَالطِّيْنِ وَعَلَيٰ آلَهِ الطَّيِّبِينَ الطَّاهِرِينَ وَعَلَيٰ صَحْبِهِ الْمُكَرَّمِيْنَ اَمَّابَعْدُ

فَاَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيطَانِ الرَّجِيمِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمَانِ الرَّحِيمِ

اِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ اِنَّا لَا نُضِيعُ اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا (الكهف: 30)

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**مسلمان پيارو!** الله ڪريم شال اسان کي صالحُ بنائي ۽ صالح عملن جي سگهہ عطا فرمائي. ڇو تہ عملِ صالحَ اسان لاءِ دنيا آخرت جي غمن ڏکن کان بچائڻ جو ذريعو آهن.

عمل صالح دنيا جي دولت ۽ ثروت آهن ۽ آخرت جو سرمايو ۽ سامان آهن. صالح عمل جهنم جي باهہ کان بچائن ٿا جنت ۾ پهچائن ٿا.

صالح عمل ڪرڻ لاءِ الله جو امر آهي ۽ مدني ڪريم ﷺ جو فرمان آهي.

صالح عمل دنيا توڙي آخرت جا سهڻا ساٿي آهن.

درود پڙهو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**دوستو!** دنيا ۾ انسان جا سنگتي ساٿي ٿي هوندا آهن.



**پهرين سنگت مال و دولت جي** : ان ۾ دڪان ، مڪان ، زمينون ،گاڏيون بنگلا ، جايون سڀ اچي وڃن ٿا.

**ٻين سنگت ماڻهن جي** : ان سنگت ۾ ابو، امان ، پٽ ، ڌيئر، زال ، ٻار ، مٽ ، مائٽ ، يار، دوست سڀ اچي وڃن ٿا.

**ٽين سنگت عملن جي** : جن ۾ چڱا توڙي برا ڪم اچي وڃن ٿا.

**پيارو !** موت برحق آهي اها هر ڪنهن کي پڪ آهي تہ موت ضرور اچڻ وارو آهي پوءِ جڏهن موت آيو تہ مال دولت جي سنگت گهر ۾ ئي ساٿ توڙي ويندي . هاڻي ملڪيت جا وارث ٻيا، جائداد جا والي ٻيا، ميت ويچارو پرائي وس . اجا ساهہ نڪتو تہ هڪ سنگت ڇُـٽِي .

ٻي سنگت ماڻهن ، مٽن مائٽن جي آهي . اها ايتري وفاداري ڪندي جو ڪلهي ڪانڌي ٿي قبر پيڙو ڪري ايندا، مٽ مائٽ لا ش لحد ۾ لٽي رُ ج ۾ ستي ايندا. سوڙهي سامي ۾ ڪاري قبر ۾ مٽين مٿيءَ هيٺان پوري ايندا، وري ڪو اندر سار سنڀال لهڻ بہ ڪو نہ ايندو.

ٽين سنگت عملن جي آهي . اها سنگت قبر ۾ بہ قائم ۽ محشر ۾ بہ موجود هوندي . اگر ڪنهن جا عمل سٺا آهن تہ اهي ان جي قبر کي جنت جو باغ بنائي ڇڏيندا. صالح عمل ان جي قبر کي ڪشادو ڪرائي ڏيندا. محشر جي تتهڻ گرميءَ ۾ عمل صالح ان مٿان ڇپر ۽ ڇانوَ ٿيندا. صالح عمل ان کي جنت جو ڪاتيدار ۽ حقدار بنائيندا.اگر ڪنهن جا عمل بُرا آهن تہ ان جي قبر جهنم جي کڏ بنجي ويندي . ان جي آخرت برباد ٿي ويندي محشر جي ميدان ۾ ڪروڙين اربين انسانن اڳيان ان کي خوار ۽ شرمسار ڪرائيندا تہ برا عمل ڪرائيندا. رب العالمين عملن صالحن جي اهميت ۽ انسانن جي موت ۽ زندگي جو راز بيان ڪندي فرمايو تہ :

**اَلَّذِي خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيَاةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا**

الله اها ذات آهي جنهن موت ۽ زندگيءَ کي پيدا ڪيو ته اوهان کان امتحان وٺي ته اوهان مان ڪير آهن جيڪي سهڻا عمل ڪن ٿا(الملك :2)

سورت توبه ۾ رب ذُوالجلال فرمايو ته:

**وَقُلْ اعْمَلُوا فَسَيَرَى اللَّهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُولُهُ وَالْمُؤْمِنُونَ وَسَتُرَدُّونَ اِلَىٰ عَالِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ** (التوبة:105)

اي محبوب تون فرماءِ ته عمل ڪيو پوءِ جلد ڏسندو الله اوهان جا عمل ۽ ان جو رسول ۽ مؤمن ۽ جلد اوهان پيش ڪيا ويندا ڳجهه ۽ ظاهر جي ڄاڻڻ واري رب اڳيان پوءِ اوهان کي خبر ڏيندو اوهان جيڪي عمل ڪندا هئا.

الله پاڪ فرمايو ته:

**اِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ اِنَّا لَا نُضِيعُ اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا**

بي شڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون بي شڪ اسان جنهن به چڱا ڪم ڪيا ان جو اجر ضايع نه ٿا ڪيون. (الكهف : 30)

**دوستو!** الله ڪريم ڪنهن جو به ذرو ضايع ڪونه ڪندو. جنهن چڱا عمل ڪيا ان کي انجو اجر ڏنو ويندو. جنهن برايون بي حيايون ڪيون جو ان کي چُٽڪو چکايو ويندو. رب رحمان فرمايو ته :

**فَمَنْ يَعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَرَه * وَمَنْ يَعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَرَه**

جنهن ماڻهو ذري برابر نيڪي ڪئي ته ان کي ڏسندو ۽ جنهن ذري برابر برائي ڪئي ته اهو به ان کي ڏسندو (الزلزلة :8)

رب فرمايو ته:

**اِنَّ اللَّهَ لَا يُضِيعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِينَ** ( التوبة : 120)



بي شڪ الله نيڪي ڪندڙن جو اجر ضايع نه ٿو ڪري.

درود پڙهو : **اَللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

آخرت ۾ انسانن کي انهن جا درجا ، اجر ۽ انعام انهن جي عملن مطابق ڏنا ويندا پاڪ پروردگار فرمايو ته :

**وَلِكُلٍّ دَرَجَاتٌ مِمَّا عَمِلُوا وَلِيُوَفِّيَهُمْ اَعْمَالَهُمْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ**

۽ هر هڪ جا درجا انهي جي عملن سبب آهن ۽ انهن کي انهن جي عملن جو بدلو ڏنو ويندو ۽ اهي ظلم نه ڪيا ويندا. ( الاحقاف : 91 )

**دوستو!** ايمان آڻڻ بعد عمل صالح ضروري آهن. ڪي ماڻهو چوندا آهن ته : " بابا عملن تي ناهي . اگهجي ته پاءُ نه ته مڻن کي موٺ ، پاڻهي الله رحم ڪندو ".

**پڌو دوستو!!** هي به ته الله جا ئي فرمان آهن. عملن صالحن ڪرڻ جو امر به الله پاڻ ڪيو آهي. جيڪو الله جي امر جي پيچڪڙي ڪري سو ضرور سزا جو حقدار بنجي ٿو.

ڪوشش ڪيو صالح عمل ڪيو ته شال رب راضي ٿئي. اوهان کي دنيا جا اسباب ڪم نه ايندا. بلڪ صالح عمل ڪم ايندا.

اجهو چڏڻو آئيو هي مارن سندو ماڳ
ولر وڳر ويڙهيچن جا سمورو به سهاڳ
وڏو لڳو تن ڏهاڳ جن رب و ساريو پانهنجو

**دوستو!** اهي صالح عمل صرف چند ڏينهن يا چند گهڙيون ڪرڻا نه آهن . رڳو رمضان ۾ عبادت ڪيو يا محرم ۾ عبادت ڪيو پوءِ ڇڏي ڏيو. ائين نه ڪيو پر جتي به هجو جهڙي به حال ۾ هجو صالح عمل ڪندا رهو جيستائين موت اچي وڃي. رب العالمين فرمايو ته:

**وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتَّىٰ يَأْتِيَكَ الْيَقِينُ** ( الحجر : 99)

۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪر ايستائين جو توکي موت اچي وڃي.

خوشنصيب آهن اهي جن کي چڱا عمل ڪندي موت اچي ويو.

درود پڙهو: **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ**

**پائرو** !! عمل صالح ڪيو پر دل جي خوشيءَ سان ڪيو. پاڻ تي بار نہ سمجهو چٽي نہ سمجهو بلڪ پنهنجي پالڻهار جي بندگي ڪندي دلي وشي ۽ سـُـرور محسوس ٿئي تہ اها ايمان جي علامت آهي.

مُسندَ احمد ۾ حضرت ابوُ موُسـَـيٰ رضي الله عنہ کان روايت آهي رسول اڪرم ﷺ ارشاد فرمايو تہ:

**مَنْ عَمِلَ حَسَنَةً فَسُرَّ بِـهَا وَ عَمِلَ سَيِـّئَةً فَسَاءَتْهُ فَهُوَ مُؤمِنٌ**

جنهن ماڻهو ڪا نيڪي ڪئي پوءِ ان سبب مسرور ٿي ويو ۽ ڪا خطا ٿي پيس ان سبب ڏکارو ٿي پيو تہ پوءِ اهو مؤمن آهي.

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ نيڪي جي ڪم ڪرڻ سان دلي خوشي سڪون ۽ سرور ان کي محسوس ٿيندو آهي، جيڪو مؤمن هوندو آهي. پلو طعام ان کي وڻندو جيڪو صحتمند هوندو. بيمار کي ڪوفتن ۽ قورمن مان پلا ڪهڙو مزو ايندو؟؟ ٻي ڳالهہ هيءَ بہ معلوم ٿي تہ گناه جو ڪم مؤمن کان بہ ٿي پوندو آهي.

مؤمن لاءِ گناهن کان پاڪيزه هجڻ ضروري نہ آهي. پر اگر منافق گناه ڪندو تہ ان کي گناه جي ڪم ۾ مزو ايندو ۽ مؤمن کان ڪا خطا ٿي پئي تہ ان کي دلي صدمو ۽ ڏک پهچندو. پريشان ٿي پوندو تہ هي خطا مون کان



چوٿي؟ پوءِ يڪدم معافي وٺندو استغفار پڙهندو ۽ الله جو وعدو آهي تہ معافي گهرندڙن کي ضرور معاف ڪندو آهي.

**دوستانِ محترم** !! صالح عملن ۾ استقامت ضروري آهي. ائين نہ ڪري جو چار ڏينهن ذوق شوق سان عبادت ڪري پوءِ ڇڏي ڏئي.

**اَلْاِسْتِقَامَةُ فَوقَ الْكَرَامَةِ** استقامت ڪرامت کان مٿي آهي.

الله استقامت وارن لاءِ وڏن درجن جو اعلان فرمايو آهي. رب فرمايو تہ:

**اِنَّ الَّذِينَ قَالُوا رَبُّنَا اللَّهُ ثُـمَّ اسْتَقَامُوا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ** ( الاحقاف : 13)

بي شڪ اهي ماڻهو جن چيو اسان جو رب الله آهي پوءِ استقامت ڪيائون تہ پوءِ تہ انهن تي نہ ڪو خوف آهي نہ اهي ڏکارا ٿيندا.

**پيارا پائرو** عمل صالح ڪرڻ جو ۽ ڪٽڻ ڪمائڻ جو هنڌ ۽ موقعو مهل هي آهي.

وحده لاشريڪ له اي وهائج وي
ڪٿين جي هارائين هنڌ اٿيئي هيءُ
پاڻان چوندئي پيءُ پري جام جنت جو

---

وحده لاشريڪ له ٻـُـڌئي نہ ٻوڙا
ڪين تو ڪنين نہ سـُـٺا جي گهٽ اندر گهوڙا
پوءِ ڳاڙيندين ڳوڙها جتي شاهد ٿيندئي سامهان

رب العالمين جـَـلَّ جده فرمايو تہ:

**وَسَارِعُوا اِلَىٰ مَغْفِرَةٍ مِنْ رَبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمَاوَاتُ وَالْأَرْضُ أُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِينَ** (آل عمران: 133)

۽ تکڙ ڪيو پنهنجي پالڻهار پاران ملندڙ مغفرت ۽ جنت ڏانهن اها جنت جيڪا آسمانن ۽ زمينن کان بہ ڪشادي آهي جيڪا پرهيزگارن لاءِ جوڙي وئي آهي.

درود پڙهو: **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ**

**دوستو!** الله جي رحمت ۽ جنت تہ پڪاري رهي آهي رڳو اسان کي عملن صالحن جي ڪوشش ڪرڻي آهي.

*هم تو مائل بہ کرم ہیں کوئی سائل ہی نہیں*
*راہ دکھلائیں کسے کوئی رہ رَوِ منزل ہی نہیں*

رب العالمين ذوالجلال والاڪرام فرمايو تہ :

**اَمْ حَسِبَ الَّذِينَ اجْتَرَحُوا السَّيِّئَاتِ اَنْ نَجْعَلَهُمْ كَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ** (الجاثية : 21)

جن گندايون ڪيون ڇا اهي ائين سمجهن ٿا تہ اسان انهن سان بہ اهڙو معاملو ڪنداسين جهڙو انهن سان ڪنداسين جن ايمان آڻي پوءِ صالح عمل ڪيا .

ڇا اهي جيڪي راتيون جاڳي الله اڳيان سجدن ۽ قيامن ۾ گذارن ٿا جن جون پنبڻيون الله جي عشق ۾ آليون هجن ٿيون . جيڪي خوف خشيت الاهي ۾ هنجون هاريندا رهن ٿا اِهي ماڻهو ۽ اُهي ماڻهو جيڪي زندگي گناهن ۾ برباد ڪن ٿا سي پاڻ ۾ ڪيئن ٿا برابر ٿي سگهن ؟ الله جي پيارن صالح عمل ڪرڻ وارن جا تہ الله وٽ وڏا مان ۽ مقام آهن.



**بَلَىٰ مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَ اَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيئَتُهُ فَأُولَٰئِكَ اَصْحَابُ النَّارِ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ** (البقرة : 81)

هائو جنهن گناه ڪمايا ۽ ان جون خطائون ان کي گهيري ويون تہ پوءِ اهي جهنم وارا آهن اهي ان ۾ هميشه رهندا.

الله شال اسان سڀني کي جهنم جي باه کان بچائي.

درود پڙهو: **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ**

رب العالمين فرمايو تہ :

**يَعْلَمُونَ ظَاهِرًا مِنَ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَهُمْ عَنِ الْآخِرَةِ هُمْ غَافِلُونَ** (الروم : 7)

ڄاڻن ٿا (صرف ) اکين جي آڏو واري دنياوي زندگي ۽ اهي آخرت کان پوري طرح بي خبر آهن .

بيشڪ اڄ جو انسان دنياوي زندگي کي ڄاڻي سڃاڻي ٿو پر آخرت واري زندگي کان غافل ۽ بي خبر آهي. دنياوي زندگي لاءِ ڇا ڇا نہ ٿو ڪري پر ان کان وسريل آهي تہ آخرت وسريل آهي، قبر قيامت وسريل آهي.

**پيارا پائرو!** ٻڌو اسان جي هوت حبيب مدني مجيب ﷺ اسان لاءِ چڱن عملن ۽ نيڪين جي نشاندهي ڪئي آهي تہ ڪهڙا چڱا ڪم آهن ۽ ڪهڙا برا؟

مُسند بَزّار ۽ طبراني اوسط ۾ اَنَس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اڪرم نور مجسم ﷺ فرمايو تہ:

ٽي شيون درجن کي بلند ڪرڻ واريون آهن . ٽي شيون نجات ڏياريندڙ آهن. ٽي شيون هلاڪ ڪندڙ آهن.

**فَاَمَّا الْكَفَّارَاتُ :** پوءِ گناهن کي ميٽڻ واريون ٽي شيون هي آهن.

**پهريون : اِسْبَاغُ الْوُضُوءِ فِی السَّبَرَاتِ** ذکيائي جي وقتن ۾ سهڻي طرح وضو ڪرڻ. يعني سخت سردي هجي يا سخت گرمي يا بيماري هجي يا ڪو مشڪل موقعو هجي ان وقت سهڻي طرح ناهي ناهي وضو ڪرڻ اهو گناهن کي ميٽڻ وارو عمل آهي.

**ٻيو : اِنْتِظَارُ الصَّلَاةِ بَعْدَ الصَّلَاةِ :** هڪ نماز پڙهي ٻي نماز جو انتظار ڪرڻ . اهو بہ گناهن کي ميٽڻ وارو عمل آهي .

اڄ ڪلهہ عام ماڻهن کي اها بيماري وڪوڙي وئي آهي جو نماز پڙهي يڪدم مسجد مان ٻاهر ڀڄندا آهن . ڪو وڃي هوٽل تي ويهندو ڪو ٽي وي تي ويهندو . ڪو اوطاق ۾ ڪچهري تي ويهندو . حالانڪ اسان جي سهڻي سردار ﷺ فرمايو تہ هڪ نماز بعد ٻي نماز جي انتظار ۾ ويهڻ گناهن کي ميٽي ٿو . هڪ روايت ۾ آهي جيڪو ماڻهو نماز پڙهي ان وضو سان ان جاءِ تي ٻي نماز جي انتظار ۾ ويٺو آهي تہ ان لاءِ ستر هزار ملائڪ بخشش گهرندا رهن ٿا.

**ٽيون: وَنَقْلُ الْاَ قْدَامِ اِلَیٰ الْجُمْعَاتِ :** جمعن ڏانهن يا نيڪ مجلسن ڏانهن وکون کڻڻ . اهي وکون بہ گناهن کي ميٽن ٽيون سهڻي حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

**مَنْ حَضَرَمِنْ مَجَالِسِ الذِّكْرِ كَتَبَ اللهُ لَهُ بِكُلِّ قَدَمٍ عِبَادَةَ سَنَةٍ**

جيڪو ماڻهو ذڪر جي مجلس ۾ حاضر ٿيو تہ ان لاءِ هر وک جي بدلي هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکيو وڃي ٿو. (مؤنس الذاڪرين)

پوءِ حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ ٽي شيون ٻانهي جي درجن کي بلند ڪرڻ واريون آهن.



**پهريون : اِطْعَامُ الطَّعَامِ :** ماني کارائڻ.

مسڪينن مسافرن، پرديسين کي ماني کارائڻ اهڙو عمل آهي جيڪو ماڻهو جي درجن کي بلند ڪري ٿو. چوندا آهن تہ :

” جنهن جي ماني تنهنجي ڪاني “ .

سڀ کان پهرين خيرات ماڻهن کي ماني کارائڻ آهي.

**هڪ ظالم بادشاهہ** اعلان ڪيو تہ ڪو بہ ماڻهو منهنجي شهر مان خيرات نہ ڪري جيڪو خيرات ڪندو ان جون ٻانهون بہ ڪپائيندس ۽ ان کي شهر مان بہ لوڏي ٻاهر ڪڍائيندس. ظالم بادشاهہ جو آرڊر ٿي ويو. ماڻهن خيرات ڏيڻ بند ڪري ڇڏي. غريب مسڪين پينو بک مرڻ لڳا .

هڪ مسڪين اچي ڪنهن در تي صدا هنئي تہ الله واسطي مون کي ماني کارايو مان ٽن ڏينهن جو بکو آهيان اندران مائي گهر ڏياڻي چيو تہ فقير تو بادشاهہ جو حڪم نہ ٻڌو آهي ڇا؟ فقير چيو تہ دنيا جي بادشاهہ خيرات ڏيڻ کان منع ڪئي آهي پر بادشاهن جي بادشاهہ رب العالمين تہ حڪم ڏنو آهي تہ منهنجي نالي تي خيرات ڪيو. مائي چيو تہ فقير الله جو حڪم قبول ! توکي ماني کارائيندس پوءِ منهنجي قسمت ڪٿي. مائي بہ مانيون آڻي فقير کي کارايون . فقير ماني کائي دعائون ڏيندو هليو ويو.

پهريدارن بادشاهہ کي اها ڳالهہ پهچائي بادشاهہ ان عورت کي گهرائي جلاد کي حڪم ڏنو تہ هن جون ٻئي ٻانهون ڪپيون وڃن پوءِ هن کي منهنجي شهر مان لوڏي ڪڍيو وڃي غريب عورت جون ٻانهون ڪپيون ويون شهر مان ڪڍيو ويو. هڪ ننڍڙو ٻچو ٿڃ پياڪ هيس اهو ڪلهي تي کڻي درياءَ جو ڪنارو ڏئي وڃي رهي هئي تہ اڄ لڳس هيٺ جهڪي وات سان پاڻي پيئڻ لڳي تہ ڪلهن تان ٻار وڃي نهر ۾ ڪريو. اهو بہ ٻڏي

ويو ان مهل روئي دانهن ڪري چيائين يا الله تنهنجي رحمت ڪٿي آهي؟ اڄ مون نياڻي نماڻي جي مدد ڪر. دير نہ گذري جو ٻہ جوان گهوڙي سوار اچي پهتا . هڪڙي نهر ۾ گهڙي ٻچڙو زنده سلامت واپس آڻي ڏنس . ٻيو گهوڙي تان لٿو مائي جي ٻانهن تي هٿ ڦيرايائين تہ ٻانهون صحيح سلامت ٿي پيس . چيائون امان هاڻي تون ڀلي ڳوٺ هل اهو بادشاهہ بہ مري ويو . مائي چيو ابا اوهان ڪير آهيو؟ چيائون امان اسان اهي ٻہ مانيون آهيون جيڪي توفقير کي کارايون هيون, اهو آهي اِطْعَامُ الطَّعَامِ .

ٻيو: اِفْشَاءُ السَّلَامِ درجن کي بلند ڪرڻ وارو ٻيو عمل آهي سلام عام ڪرڻ . هر هڪ واقف نا واقف مسلمان تي سلام ڪرڻ اهو عمل بہ درجن کي بلند ڪري ٿو.

ٽيون: وَالصَّلَاةُ بِاللَّيْلِ وَالنَّاسُ نِيَامٌ رات جي نماز جڏهن ماڻهو ستل هجن . اها تهجد جي نماز آهي جيڪا خاص الله جي عارفن عابدن ۽ ولين جي نماز آهي. سهڻي حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

رَكْعَتَانِ فِي جَوفِ اللَّيلِ الْآخِرِ خَيْرٌ مِّنَ الدُّنْيَا وَمَا فِيهِمَا

رات جي پوئين حصي ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهڻ دنيا ۽ دنيا ۾ موجود هرچيز کان ڀلو آهي.

پاڻ فرمايائون: ٽي شيون نجات ڏيارينڌڙ آهن.

پهريون: فَالْعَدْلُ فِي الْغَضَبِ وَالرِّضَا رنج توڙي رضا ۾ انصاف ڪرڻ. چو تہ ڪڏهن ڪاوڙ ۾ ماڻهو حقدار جو حق ماري ويهندو آهي . ڪڏهن خوشيءَ ۾ ڪنهن کي ايترو ڏئي ويندو آهي, جنهن جو اهو حقدار نہ هوندو آهي, اگر ڪاوڙ ۾ ڪنهن سان ظلم ڪيائين تہ پاڻ کي برباد ڪيائين



اگر خوشيءَ ۾ ڪنهن کي ايترو ڏنائين جو ٻين جو حق مارِيائين تہ بہ پاڻ کي برباد ڪيائين . نجات ان حاصل ڪئي جنهن ڪاوڙ ۾ توڙي رضا خوشي ۾ عدل ڪيو.

ٻيون: وَالْقَصْدُ فِي الْفَقْرِ وَالْغِنَا : مسڪيني توڙي شاهوڪاري ۾ وچٽرو هلڻ . اها ڳالهہ بہ نجات ڏيارينڌڙ آهي جو مسڪيني ۾ توڙي اميري ۾ خرچ پکي ۾ ميانہ رَوِي اختيار ڪري . ڪن کي مال گهڻو ايندو آهي تہ بي درديءَ سان لُٽائيندا آهن . فضول ۽ اسراف اجايا خرچ ڪندا آهن ڪي وري بخيلي ۽ ڪنجوسي ڪندا آهن, پر ڇوٽڪارو ان لاءِ آهي جيڪو هرحال ۾ وچٽرو هلي.

نجات ڏيارڻ واري ٽين شيءِ آهي: وَخَشْيَةُ اللهِ فِي السِّرِّ وَالْعَلَانِيَةِ لِڪَ ۾ توڙي ظاهر ۾ الله جو خوف رکڻ . ڪو ڏسڻ وارو نہ هجي ڪو جهلڻ پلڻ وارو هجي نفس ۾ گناهہ جي خواهش بہ تارو تار هجي پوءِ بہ پاڻ کي گناهہ کان بچائي تہ اهو ڪامياب آهي.

ٽي شيون هلاڪ ڪرڻ واريون آهن:

فَشُحٌّ مُطَاعٌ : اُها بخيلي جنهن جي پيروي ڪئي وڃي.

ڪنجوسي ۽ بخيلي الله کي پسند نہ آهي, رهبرِ اعظم , هاديءِ عالم نور مُجَسّم سهڻي حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

اَلْجَاهِلُ السَّخِيُّ اَحَبُّ اِلَي اللهِ مِنَ الْعَابِدِ الْبَخِيلِ

جاهلُ سخي , الله کي عابدَ بخيلَ کان وڌيڪ پيارو آهي.

**چون ٿا تہ** هڪ بخيل مري پيو تہ ڪنهن چيس ميان مرين ٿو خدا جي نالي هاڻي تہ ڪجهہ ڏي چيائين الله جي نالي ڏيان تہ ٿو چيائين ڇا پيو ڏين ؟ چيائين الله جي نالي تي سر تہ ڏئي رهيو آهيان.

**دوستو!** هلاڪ ڪرڻ واري ٻي شي آهي :

**هَوىً مُتَّبَعٌ :** اها نفساني خواهش جنهن جو پيڇو ڪيو وڃي. الله ڪريم فرمايو آهي تہ . نفساني سڌن جي پيروي نہ ڪر اهي توکي الله جي راهہ کان هٽائي ڇڏينديون. هلاڪ ڪرڻ واري ٽين شيءَ آهي .

**وَ اِعْجَابُ الْمَرَاءِ بِنَفْسِهِ** ماڻهو جو پنهنجو پاڻ کي پلو پائڻ.

پنهنجي عبادت تي پنهنجي ذات تي علم تي عمل تي صورت ۽ سيرت تي ناز ڪيائين تہ برباد ٿي ويو. الله کي ناز نہ وڻندو آهي بلڪہ نياز وڻندو آهي .

درود پڙهو : **اَللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

بزرگن فرمايو آهي تہ :

ڪِينَ آهين ڪين ٿي وڃي ڪين ڪماءِ،
لاٻاپا لوڪ جا لاَ سين سپ لهراءِ،
تهان پوءِ ٿيندياءِ ڳجهہ پريان جي ڳالهڙي.

**پيارا دوستو!** آخر ۾ هيءَ ڳالهہ غور ۽ فڪر سان ٻڌو تہ عملن صالحن جي قبوليت جا ٻہ شرط آهن ، جيستائين اهي شرط ادا نہ ڪيا ويندا تہ عمل الله وٽ ڪو نہ اگهامندا.



پهريون شرط آهي اخلاص ، يعني عمل ڪيو تہ الله جي رضا لاءِ ڪيو. دنيا جي ڏيک ويک لاءِ نہ پنهنجي وهہ واهہ واکاڻ لاءِ. پر عمل ڪيو تہ هن غرض سان تہ شال الله ۽ ان جو حبيب ﷺ راضي ٿئي ڇو تہ حديث ۾ آهي:

**اَلرِّيَاءُ يُحبِطُ الْعَمَلَ كَمَا يُحبِطُهُ الشِّرْكُ (الربيع)**

رياءُ عملن کي ائين چٽ ڪري ڇڏي ٿو جيئن شرڪ عملن کي برباد ڪندو آهي .

**دوستو!** رياڪار جون ٽي نشانيون اٿوَ. جڏهن ماڻهن اڳيان هوندو تہ عبادت جو وڏو اهتمام ڪندو. ڊگها ڊگها سجدا ڪندو. سهڻي طرح ٺاهي ٺاهي نماز پڙهندو. پرجڏهن اڪيلو هوندو تہ عبادت ۾ غفلت ۽ سُستي ڪندو. ٽيون تہ چاهيندو تہ هر ڪم ۾ سندس واکاڻ ڪئي وڃي. الله شال اسان کي اخلاص عطا ڪري.

**دوستو!** صالح عملن جي قبوليت جو ٻيو شرط آهي. سنت مطابق عمل ڪرڻ. عمل ڪيڏو بہ وڏو آهي . سهڻو آهي پر سنت مطابق نہ آهي تہ الله وٽ ان عمل جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي.

درود پڙهو : **اَللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت سيده عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي . مديني واري سائين ﷺ فرمايو تہ :

**مَنْ اَحْدَثَ فِي اَمْرِنَا هَذَا مَا لَيْسَ مِنْهُ فَهُوَ رَدٌّ**

جنهن ماڻهو اسان جي هن ڪم ۾ ڪا نئين ڳالهہ جاري ڪئي جيڪا ان مان نہ آهي تہ اها مردود آهي.

صحيح مسلم جي هڪ روايت ۾ هي لفظ آهن تہ:

مَنْ عَمِلَ عَمَلاً لَيْسَ عَلَيْهِ اَمْرُنَا فَهُوَ رَدٌّ

جنهن ماڻهو اهڙو عمل ڪيو جنهن تي اسان جو امر نه آهي اهو مردود آهي.

صحيح مسلم ۾ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول ڪريم ﷺ فرمايو ته:

اِنَّ خَيْرَ الْحَدِيثِ كِتَابُ اللّٰهِ وَخَيْرُ الْهَدْىِ هَدْىُ مُحَمَّدٍ ﷺ وَشَرُّ الْأُمُورِ مُحْدَثَاتُهَا وَكُلُّ بِدْعَةٍ ضَلَالَةٌ

پوءِ بي شڪ ڀلي ڳالهه الله جو ڪتاب آهي ۽ ڀلي هدايت محمد ڪريم ﷺ جي هدايت آهي ۽ بڇڙا ڪم نيون ڳالهيون پيدا ڪرڻ آهن ۽ هر بدعت گمراهي آهي.

الله ڪريم شال اسان کي صالح عملن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي . عملن ۾ اخلاص ۽ سنت جي تابعداري نصيب فرمائي آمين.

يا رب العالمين .

وَ مَا عَلَيْنَا اِلاَّ الْبَلاَغُ الْمُبِين